# سنڌ آزاد کانفرنس

## حيدر آباد سنڌ

Gul Hayat Institute

نومبر 1932

www.drpathan.com Page # 1

# سنڌ آزاد ڪانفرنس

## حيدرآباد سنڌ

١٥-١٦ نومبر ١٩٣٢

## خطبو

آغا پير حاجي غلام محمد صاحب سرهندي مٽياري

صدر استقباليه ڪميٽي.

Gul Hayat Institute

اسٽينڊرڊ پرنٽنگ ورڪس، حيدرآباد سنڌ.

ڳالهه ظاهر ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان ته جدا چوڻن
جو طريقو مسلمانن کان وڌيڪ ٻين گهٽ تعداد وارن
قومن جي لاءِ زياده مفيد ۽ ضروري آهي ۽ جيڪڏهن
مسلمان انهي حق کي ڇڏي ان جي عيوض ۾ ڪنهن
ٻئي سرشتي کي منظور نه ٿا ڪري سگهن ته ان ۾ هنن
جي پنهنجي فائده سان گڏ ٻين پٺتي پيل قومن جي
ڀلائي جو سوال به آهي. هن زماني ۾ جڏهن مخالف
ماڻهو زبان يا قلم مان نڪتل هڪڙو هڪڙو اکر به
دليل وٺي آڏو آڻين ٿا تڏهن مان چوان ٿو ته اهڙي
نازڪ وقت ۾ جيڪي ماڻهو جدا چوڻن بابت موافقت
۾ يا مخالفت ۾ بحث مباحثه ڪن ٿا تن کي خيال رکڻ
گهرجي ته گڏيل چوڻن جي فائده ۾ جيڪو به اکر
چون ٿا لکن سو ڏاڍي گهڻي ويچار سان. متان سندن
اهي لفظ جدا چوڻن جي مخالفن لاءِ وقت تي دليل
بڻجي پون.

مان هتي عرض ڪندس ته سنڌ جي جدائي جي
سوال کي قومي دشمني ۽ بغض دل مان ڪڍي پوءِ
رڳو انهي سوال جي خوبين ۽ فائدن جي نظر سان
ڏٺو وڃي ۽ بحث هيٺ آندو وڃي. ۽ پنهنجي مرضي
مطابق فيصلو ڪرائڻ لاءِ ڪنهن به قوم کي زبردستي
مات ڪرڻ واسطي مجبور نه ڪيو وڃي نهرو رپورٽ
مڃي ٿي ته "سنڌ جو صوبو ٻولي جي لحاظ سان هڪ
جدا ٽڪر آهي ۽ اُتاهون جي رهاڪن جو وڏو ڀاڱو

Gul Hayat Institute

www.drpathan.com Page # 33



حضرات! مان پهاڙي ۾ وري ٻه اوهان جو دلي خلوص سان خير مقدم ڪريان ٿو ۽ اميد آهي ته اوهان سڀني جا دماغ ۽ عقل ۽ بهترين تجويزون سنڌ جي سوال کي حل ڪرڻ ۾ مدد ڪنديون.

وآخر دعوينا ان الحمد لله رب العالمين

Gul Hayat Institute

Printed by R. H. Advani, B. A.
at the Standard Printing Works, Hyderabad Sind.
and Published by
Peer Agha Ghulam Mujadid Sarhandi
Chairman of the
Reception Committee Sind Separation Conference
Hyderabad Sind.